چپ لاڙيندي چيائين ”ھُو هي - بلو شهيد - وري ڪير آهي“

چيم: ”موئن جي دڙي جي تاريخ ايتري پراڻي آهي جو ڪابہ پوڙهي ڪچهہ انهيءَ جو تصور نٿي ڪري سگهي. ھُو هن ڌرتيءَ تي بلو جو رينو رت ايترو تہ تازو آهي جو ڪو بہ انڌو تاريخدان انهيءَ ڪسي ڏسي ھُو محسوس ڪري نٿو سگهي“

ڪجڪوڙ ڪندي چيائين، ”چوڪرا، تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي. تون ڪالهوڪو وات ڳاڙهو چوڪرو اسان کي غلط نٿو ثابت ڪري سگهين.“

مرڪندي وراڻيم ”اي پوڙها، منهنجو وقت تمام قيمتي آهي. آءٌ هينئر ڪنهن بہ ڪُڏم جي هينگ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهيان - تون وڃي سگهين ٿو“

هو ڪاوڙ کان ڏڪندو، ٿڙندو، لٺ جو ليڪو ولندو، عينڪ سنڀاليندو منهنجي ڪمري مان نڪري ويو آهي ۽ آءٌ وري پنهنجي ڪاغذن تي جهڪي ويو آهيان.

★ ★

# شبرو

**ليکڪ: منير احمد** (سنڌ)

شبرو بي.اي جي آخرين سال جو شاگرد هو ۽ آءٌ پهرين سال جو. منهنجي ساڻس پهرين ملاقات ۽ جاڻ سڃاڻ ان وقت ٿي، جڏهن هاسٽل ۾ پهريون دفعو داخلا ملڻ ڪانپوءِ، مان ۽ منهنجو رفيق هاسٽل جي روم ۾ پنهنجا ٽپڙ ڳاهي رهيا هئاسين ته هو ان وقت اسانجي روم ۾ داخل ٿيو. پريل بت، پهڪندڙ منهن، ٽرار ڪٽ مڇون، ڏاڙهي صفا ڪوڙيل، پوڻ-ان مٿو وينل، ڪليل پيشاني، سانورو رنگ. سندس بت تي اڇي ڪانچ ۽ قميص پهريل هئي. روم ۾ گهڙڻ شرط، وڏي آواز ۾ چيائين، "جيئي سنڌ"، ۽ پوءِ روم ۾ چوڌاري نظر ڦيرائي، حال احوال وٺڻ شروع ڪيائين:-

"پائو، اوهان ڪير مڙس آهيو؟"

"ميمڻ،" مون مشڪي ورائيو.

"۽ هي جوان؟" هن منهنجي رفيق ڏانهن اشارو ڪيو.

"هي به منهنجو ذات پائي آهي،" مون چيو. ۽ پوءِ ڪيس وهڻ جي آڇ ڪيم. پر هو وينو ڪونه. هٿائين بيني بيني ٿيءِ ۾ پنجي ويو. گهڙي پلڪ جي ماٺ ڪانپوءِ سوالي انداز ۾، بيهر پڇيائين، "ميمڻ؟"

"جي ها،" مون ڪنڌ جي لوڏ سان هاڪار ڪري،

”خدا شل سين کي اڪاري پار ڪري.“ هڪ ماڻهو پٺ تي وڌندي چيو. مولوي صاحب فاتح نموني ڏيڍ فٽي ڏاڙهي تان هٿ ڦيريو.

پرهان ۾ همراهه ويٺا هئا، ”وه سالا سنڌي رات ڪو مرگيا. رات ڪو نو سالي ني نيند خراب ڪر دي ٿي.“

”اري ڪون وه ديوآنند هيري جيسا، اچا هوا مرگيا تو سالا هيرا هوجاتا.“

رشو رات مري ويو سندس پونگي جي ٻاهران ماڻهن جو ميڙ لڳو پيو آهي. پر هن لاءِ ڪوبه لڙڪ لاڙڻ وارو ڪونهي. ڇاڪاڻ ته سندس دنيا ۾ ڪير ڪونهي. سين جي چهرن تي غم جو ڪوڙو نقاب اوڍيل آهي. نقلي ڏک آهي ٿوري وقت لاءِ سڀ ڪوڪلي رسم نباهي رهيا آهن. سڀ ڍونگ آهي. ماڻهو جيستائين جيئرو آهي تيستين سڀ سندس گلا غيبت ڪندا آهن. گاريون ڏيندا آهن آواره، غنڊو، لوفر، ڪافر ۽ بچڙو سڏيندا آهن مرڻ ڪانپوءِ سٺو، نيڪ شريف ۽ مومن سڏيندا آهن جي خاصيتون نه هونديون آهن سي به مٿان مڙهيندا آهن. ڇاڪاڻ ته هو صرف لاش هوندو آهي. بي جان هڏن جو پڃرو. بي ڪمو مڙدو هوندو آهي. جنهن تي جيئرا ماڻهو رمارڪ هڻندا آهن. پرهان لاش پيو آهي. انسان جو لاش رت ۾ ٻڏل لاش جنهن جي چوڏاري چميل آهن رت جا ڏٻا جنهن ۾ ڌٻجي ويئي آهي ڪاڙهي جي پڙي——.

●

# پيچرو

ليکڪ: **ناصر مورائي** (سنڌ)

پيچري تان سائينداد ۽ ڏاڏو رڏنو، ڏاند ڳاڏيون سامان سان پريل انهن جي پٺيان مينهون، ڍڳيون ۽ ٻڪريون ڪاهيو وڃي رهيا هئا. سندن منهن لٽل، ڏڪارا، اکين ۾ پاڻي ڀٽي چلين، پريل مينهن وانگر، ساوڪي ۽ وانگر وسڻ لاءِ آئيون. جڏهن پيچرو پورو ڪيائون ته ڪنڌ ڪڍي گهوڙن کي ڏٺائون ۽ پوءِ پيچري کي. اهو پيچرو ڏاڏو ڏني جي زمين جي وچ مان لنگهندو هو. تورا کي ور وڪڙ نه ته سڌو ئي سڌو سنئون سنوانئون، پر واري شاخ تي بدل بندن جي پل تان تيندو، ڪٽڪ جي سونهري سنگن واريون پوکون لتاڙيندو هليو ويندو هو ۽ اچي لوڙ ڪندو هو انهن گهوڙن وٽ، جيڪي انهن ئي پوکن کي ڪيڙيندڙ هارين جا هئا. لانڍيون، چونئرا ۽ منهه. هر گهر جي آڏو مينهن، ڍڳين ۽ ٻڪرين جا وٿاڻ ۽ واڙيون هيون. گهرن جي چوڌاري مٽس ڏيڍ جيڏا لوڙها هئا. سيني جا گهر سهڻين گهٽين سان سٽيءَ سڳي وانگر ٽوپيا پيا هئا. ۽ انهن گهوڙن کي وري اهو پيچرو سندن زمينن سان زنجير جي ڪڙين وانگر ڳنڍيو ڇڏي. نه فقط انهن گهرن کي، پر انهن سڀاجهڙن هارين کي ۽ انهن جي دلين کي به انهن سر سبز کيتن سان ڳنڍيو

